# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.IV OF 1972

# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگھارون، الائونس ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1972

# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. پگھار

Salary

4. آفيس رکڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي الائونسز

Allowances on taking up and laying down the office

5. سرڪاري رهائش

Official Residence

6. پاڪستان ۾ مسافري جو الائونس

Travelling allowance for touring in Pakistan

7. ترسڻ دوران روزانو الائونس

Daily Allowance during halt

8. ضابطو رکندڙ عملدار

Controlling Officer

9. طبي سهولتون

Medical Facilities

10. موڪل

Leave

11. سواري

Transport

12. عام

General

13. چارج رپورټ

Charge Report

14. منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.IV OF 1972

## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهارون، الائونس ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1972

## THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1972

[18 جولاءِ 1972]

هڪ ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون فراهم ڪرڻيون آهن؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عارضي آئين جي آرٽيڪل 112 جي شق (8) موجب اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون صوبائي قانون سازي جي ايڪٽ موجب فراهم ڪرڻيون آهن؛

۽ جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون فراهم ڪيون وڃن؛

اهو هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short Title and commencement**

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
**Definitions**

2. (1) هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين هيٺين اظهارن جي معنيٰ ايئن هوندي جيئن ترتيبوار ڪين ڏني وئي آهي، جيڪا هوندي:

(a) "آئين" مطلب اسلامي جمهوريه پاڪستان جو عارضي آئين.

(b) "ڪٽنب" مطلب گهرواري، پنهنجا ۽ ويڳا ٻار جيڪي هن سان گڏ رهندا هجن ۽ سڄا سارا اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر تي ڀاڙيندا هجن، جيئن صورتحال هجي؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "بحالي" رهائشگاهه جي سلسلي ۾ جنهن ۾ شامل آهي مقامي اگهن ۾ ادائگي ٽيڪس ۽ پاڻي ۽ بجليءَ جون ادائگيون؛

(e) "اسپيڪر" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جو اسپيڪر؛

(f) "ڊپٽي اسپيڪر" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر؛

(g) "سرڪاري رهائش" مطلب وقت بوقت اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي رهائش لاءِ رکيل گهر، جيئن

معاملو هجي، ۽ جنهن ۾ شامل آهن ملازمن جي رهائش لاءِ ڪوارٽرز ۽ ٻيون بلڊنگس اپارٽمينٽ جيڪي رهائش جي باغن سان لاڳاپيل هجن.

(2) ايڪٽ ۾ بيان ڪيل لفظ ۽ اظهار ۽ هن ايڪٽ ۾ نہ ڄاڻايل لفظن جي معنيٰ اها هوندي جيڪا انهن کي آئين ۾ ڏنل آهي.

پگهار
Salary

3. اسپيڪر جي پگهار ٽي هزار رپيا هر ماھ جي حساب سان هوندي. ڊپٽي اسپيڪر جي پگهار ٻہ هزار رپيا هر مهيني جي حساب سان هوندي.

آفيس رکڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي الائونسز
Allowances on taking up and laying down the office

4. (1) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، صورتحال جيئن بہ هجي، هو پنهنجي خانگي رهائشگاھ کان سرڪاري رهائشگاھ، يا عهدي ڇڏڻ بعد سرڪاري رهائش گاھ کان خانگي رهائش گاھ تائين، هيٺ ڄاڻايل خرچ گهرڻ جو حقدار هوندو:

(a) سندس ڪٽنب لاءِ جائز سفري خرچ

(b) ذاتي ملازمن جو ڀاڙو پتو جيڪي بہ کان وڌيڪ نہ هجن، جيڪي هينين درجي واري گاڏي ۾ سفر ڪن؛ ۽

(c) گهريلو شين جا خرچ، اسپيڪر جي صورت ۾ جيڪي هڪ سئو ويھ مڻ کان وڌيڪ نہ هجن، ۽ اسي مڻ ڊپٽي اسپيڪر جي صورت ۾، مالبردار ٽرين، ٻيڙي يا ٻي گاڏي جي ذريعي، سواءِ هوائي جهاز ۽ سندس ذاتي ڪار جي، جيڪڏهن هجي.

(2) آفيس رکڻ يا ڇڏڻ جي تاريخ جي ڇهن مهينن دوران ڪنهن به سفر يا مسافري جي ڪا به دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

| سرڪاري رهائش<br>Official Residence | 5. (1) اسپيڪر جي سرڪاري رهائشگاهه حڪومت طرفان فراهم ڪئي ويندي، جنهن جي قيمت پندرنهن هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندي ۽ ڊپٽي اسپيڪر لاءِ قيمت ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندي. اهڙيءَ ريت فراهم ڪيل فرنيچر ۾ شامل هوندا ڪالين ۽ هڪ ريفريجريٽر پر ٻيون ڪي به گهريلو شيون نه هونديون. رهائشگاهه ۾ به بيڊ رومز ايئر ڪنڊيشنڊ هوندا.<br><br>(2) جيڪڏهن منصب سنڀالڻ وقت ڪا سرڪاري رهائشگاهه دستياب نه آهي ته، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جيئن صورتحال هجي، جيستائين حڪومت طرفان اهڙي رهائشگاهه فراهم نه ٿي ڪئي وڃي، انهن کي پنهنجي ۽ انهن جي ڪٽنب جي رهائش لاءِ خرچ مهيا ڪندي، جيڪو وڌ ۾ وڌ هڪ هزار رپيا ماهوار هوندا. |
|---|---|
| پاڪستان ۾ سياحت لاءِ مسافري جو الائونس<br>Travelling allowance for touring in Pakistan | 6. (1) هن ڪانپوءِ گنجائش ڪئي ويندي، جنهن موجب اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، سرڪاري ڊيوٽي تي مسافري دوران پهرين درجي جي عملدار جيتري ورتاءَ جا لائق هوندا.<br><br>(2) هوائي سفر: اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيڪڏهن عوامي مفاد ۾، هوائي سفر جي گهر ڪن، اهڙي صورت ۾ ڪيس هيٺيون شيون مهيا ڪيون وينديون: |

(a) سندس لاءِ هوائي جهاز جي اڪانامي ڪلاس جو پاڙو ڏنو ويندو؛

(b) ايئر ڪمپني طرفان مهيا ڪيل فري الائونس کان علاوه هڪ سئو پائونڊس تائين سامان کڻڻ جي قيمت.

(c) هوائي رستي يا سامونڊي رستي وڏ ۾ وڏ ٿي مڻ کان وڌيڪ ذاتي سامان کڻڻ؛

(d) سندس لاءِ هوائي سفر جي انشورنس جو ايڪچوئل پريميم يا ملهه جيڪو هڪ لک رپين کان وڌيڪ نه هجي.

نوٽ: (i) جتي مناسب هجي، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، واپسي جون هوائي سفر جون ٽڪيٽون خريد ڪندو.

(ii) اسپيڪر کي ريل ذريعي سفر ۾ پن ذاتي ملازمن لاءِ لوئر ڪلاس پاڙي جي قيمت ڏني ويندي.

(3) ريل ذريعي سفر: اسپيڪر جڏهن ريلوي ذريعي سرڪاري ڪم ڪار لاءِ سفر ڪري رهيو هوندو ته ان کي ڏنيون وينديون:

(i) جڏهن مين لائينس تي سفر ڪري رهيو هوندو، هڪ عام فرسٽ ڪلاس ڪم سيڪنڊ ڪلاس ڪيريج يا بي ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار.

(ii) جڏهن مين لائينس کان علاوه سفر ڪري رهيو هوندو، هڪ انن ويلن واري (اي ڪلاس) ٽوئرسٽ

ڪار؛

(iii) جيڪڏهن ذيلي شقن (i) ۽ (ii) ۾ ڄاڻايل گاڏيون دستياب نہ آهن، يا گهر ناهي ڪئي وئي، هڪ عام ڇئن برٿ وارو فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ يا هڪ ٻن برٿ وارو فرسٽ ڪلاس ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوپ ڪمپارٽمينٽ فراهم ڪيو ويندو.

(b) ڪنهن پاڙي ڪانسواءِ پنهنجي گهرواري کي پاڻ سان گڏ رزرو ڪيل اڪوموڊيشن ۾ وٺي وڃي سگهندو؛

(c) پاڻ سان گڏ دستياب سهولت موجب هيٺين طبقي جي اپارٽمينٽ ۾ ٻہ ذاتي ملازم ڪٽي سگهندو؛

(d) استعمال ٿيندڙ اڪوموڊيشن مطابق عام فري الائونس جي حدن موجب ذاتي سامان ڪٽي سگهندو.

هڪ ڊپٽي اسپيڪر جڏهن سرڪاري ڪم لاءِ ريلوي ذريعي سفر ڪندو، تہ ڪيس فراهم ڪيون وينديون:

(a) درخواست تي سرڪاري خرچ موجب:

(i) جڏهن مين لائينس تي سفر ڪري رهيو هوندو، هڪ عام فرسٽ ڪلاس ٻن برٿ وارو ڪمپارٽمينٽ ڏنو ويندو؛ يا

(ii) جڏهن هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ مهيا ڪئي ويندي تہ هڪ فرسٽ ڪلاس (ڪوپ) ڪمپارٽمينٽ اهڙي ڪوچ ۾ ڏنو ويندو.

(c) پاڻ سان گڏ دستياب سهولت موجب هينين طبقي جي گاڏي ۾ هڪ ذاتي ملازم وٺي وڃي سگهندو؛

(d) استعمال ٿيندڙ اڪوموڊيشن مطابق عام فري الائونس جي حدن موجب ذاتي سامان کڻي سگهندو.

نوٽ: اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، جڏهن ريلوي ۾ اڪوموڊيشن اڳوات مخصوص ڪرائي رهيو هوندو ته ان کان سفر شروع ڪرڻ کان اڳ ساڻس گڏ سفر ڪندڙ ماڻهن جو انگ ۽ ٻيا تفصيل طلب ڪيا ويندا، جيڪي اسٽيشن ماسٽر طرفان درخواست جي فارم تي پريا ويندا، جتان سفر جي شروعات ٿيندي.

(4) سامونڊي جهاز يا لانچ ذريعي سفر: اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، جڏهن آن ڊيوٽي سامونڊي جهاز يا لانچ ذريعي سفر ڪري رهيو هوندو ته کيس هيٺيون سهولتون ڏنيون وينديون:

(a) هن کي حقيقي ڀاڙو فراهم ڪيو ويندو.

(b) پاڻ سان گڏ دستياب گنجائش موجب هينين طبقي جي اپارٽمينٽ ۾ ٻه ذاتي ملازم کڻي سگهندو؛ ۽

(c) ٽي مڻ تائين جو ذاتي سامان گڏ کڻي سگهندو.

(5) روڊ رستي سفر: جڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، عوامي مفاد ۾ روڊ رستي اهڙن علائقن ۾ سفر ڪري ٿو، جن ۾ ريل جو رستو ناهي ۽ جيڪڏهن آهي ته هو ذيلي دفعات (3) يا (4)

موجب مليل مراعات تان هٽ ڪٽي ٿو، جيئن صورتحال هجي، اهڙو سفر چونڊي ٿو، تہ هي جيڏانهن اهڙي گاڏي ۾ جيڪا حڪومت جي ناهي يا ان جي هٽ هيٺ ناهي تہ، ان کي هيٺيون سهولتون ڏنيون وينديون:

(a) روڊ رستي سندس سفر لاءِ مسافري جو الائونس پنجهتر پئسا في ميل جي حساب سان؛ ۽

(b) جائز خرچ سواري جا:

(i) ٻہ نجي ملازم؛ ۽

(ii) سندس سمورو ذاتي سامان، جنهن ۾ شامل آهن سفر دوران ڪم ايندڙ سموريون شيون.

ترسڻ دوران روزانو الائونس Daily Allowance during halt

7. اسپيڪر جڏهن ٽوئر تي هوندو تہ ڪيس ٽوئر دوران ترسڻ تي ٽيهہ رپيا في ڏينهن جي حساب سان الائونس ڏنو ويندو ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي 25 رپيا في ڏينهن جي حساب سان:

بشرطيڪ تہ:

(a) رهائش واري هڪ جڳهہ دوران، روزانو الائونس جو اڌ الائونس هيٺين ريت ڏنو ويندو:

(i)پهچڻ واري ڏينهن؛

(ii) وڃڻ واري ڏينهن، ۽

(iii) پهچڻ ۽ وڃڻ واري ڏينهن جيڪڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر ساڳئي ڏينهن پهچي ٿو يا وڃي ٿو.

(b) ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ جي سفر لاءِ اهڙي لاڳيتو رهائش دوران، روزانو الائونس هن ريت ڏنو ويندو:

(i) پهرين ڏهن ڏينهن دوران سڄو مڪمل ريٽ هوندو.

(ii) ٻين ويهن ڏينهن لاءِ يا ڪجهه حصي لاءِ سڄي مڪمل ريٽ جون ٽيون حصو، ۽

(iii) رهيل عرصي لاءِ سڄي مڪمل ريٽ جو اڌ حصو.

وضاحت: سفر دوران رهائش لڳاتار ليکي ويندي جيستائين رهائش کان پنج ميل پري مفاصلي تائين، يا ستن راتين جي عرصي تائين غير حاضر رهي ختم نہ ڪئي وڃي.

ضابطو رکندڙ عملدار
Controlling Officer

8. سفر جي الائونسز جي مقصدن لاءِ اسپيڪر پنهنجو ۽ ڊپٽي اسپيڪر جو پڻ ڪنٽرولنگ آفيسر پاڻ ئي هوندو.

طبي سهولتون
Medical Facilities

9. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، انهن کي اسپيشل ميڊيڪل اٽينڊنس رولز، 1950 جي شرطن موجب طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون، سواءِ ان جي تہ ڪيس ۾ سندس ڪٽنب کي اهي طبي سهولتون انهن جي رهائشگاهہ تي ڏنيون وينديون.

موڪل
Leave

10. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، انهن جي آفيس جي مدي يا هڪ وقت يا وقت بوقت کنهن صحت جي تڪڙي سبب ڪري غير حاضري تي يا نجي معاملن لاءِ جيڪو ٽن مهينن جي عرصي کان

وڏيڪ نہ هجي، ان لاءِ گورنر موڪل جي منظوري ڏئي سگهي ٿو.

| | |
|---|---|
| سواري<br>Transport | 11. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر حڪومتي خرچن تي ڌار ڌار سرڪاري ڪار رکڻ جا مجاز هوندا. |
| عام<br>General | 12. (1) سمورا موزون احتياتي اپاءَ ورتا ويندا، اهو ڏسڻ لاءِ تہ سرڪاري رهائش، سواري ۽ فرنيچر جيڪو اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي حڪومت طرفان فراهم ڪيو ويو آهي، جيئن بہ معاملو هجي، اهي ساڳي احتياط سان استعمال ٿي رهيا آهن، جيئن ماڻهو پنهنجي ذاتي شين جي حفاظت ڪندو آهي. |

(2) سمورو فرنيچر ۽ سامان جيڪو سرڪاري رهائش ۾ فراهم ڪيو ويو آهي، ان تي بلدنگز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ طرفان سڃاڻپ جي مقصدن لاءِ نشان لڳايو ويندو.

(3) جڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، سرڪاري رهائش اختيار ڪري ٿو اها بلڊنگز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جي لاڳاپيل عملدار جي ذميواري هوندي تہ هو انهن فرنيچر ۽ ٻئي سامان جي ذميواري اسپيڪر يا ڊٽي اسپيڪر يا انهن طرفان لکت ۾ اهڙي مجاز شخص حوالي ڪري ۽ ان حوالي سان اهڙي عملدار پاران سامان جي فهرست ٺاهي ۽ ان تي صحيح ورتي ويندي.

(4) جڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن صورتحال هجي، سرڪاري رهائش خالي ڪرڻ وارو آهي تہ، ڪيس

بلڊنگز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جي لاڳاپيل عملدار کي اطلاع ڪرڻو پوندو ۽ انتظام ڪرڻو پوندو ته سرڪاري رهائش جو فرنيچر ۽ سامان صحيح ڪيل سامان جي فهرست موجب عملدار جي حوالي ڪيو وڃي.

(5) بلڊنگز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو لاڳاپيل عملدار وقت بوقت، سرڪاري رهائش، ان جي فرنيچر ۽ سامان جي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، ان جي اڳواٽ اجازت سان جاچ لهندو رهندو.

چارج رپورٽ
Charge Report

13. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، ان کان اها آفيس حاصل ڪرڻ يا آفيس ڇڏڻ موقعي تي چارج رپورٽ تي صحيح نه ورتي ويندي.

منسوخي
Repeal

14. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) آرڊر، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**